SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 2004

SINDH ORDINANCE NO.II OF 2004

سنڌ ڊائويونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2004

THE SINDH DOW UNIVERSITY OF HEALTH SCIENCES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Section)
1. مختصر عنوان اور شروعات
Short Title and commencement
2. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعه 4_A جي داخلا
Insertion of section 4_A Sindh Ordinance No. VI of 2003
3. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 Sindh Ordinance No. VI of 2003
4. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعه 22 جي ترميم
Amendment of section 22 Sindh Ordinance No. VI of 2003
5. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعه 44 جي ترميم

Amendment of section 44 Sindh Ordinance No. VI of 2003

6. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 44_A جي داخلا

Insertion of section 44_A Sindh Ordinance No. VI of 2003

7. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Shedule to Sindh Ordinance No. VI of 2003

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2004

SINDH ORDINANCE NO.II OF 2004

سنڌ ڊائويونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2004

THE SINDH DOW UNIVERSITY OF HEALTH SCIENCES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

[11 مارچ 2004]

هڪ آرڊيننس جنهن جي ذريعي ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2003 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2003 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، ان کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان اور شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2004 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ فوري طور ٿيندو ۽ هيءُ 29 ڊسمبر 2003 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 4_A جي داخلا

Insertion of section 4_A Sindh Ordinance No. VI of 2003

2. ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز آرڊيننس 2003 ۾ ان کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي، دفعہ 4 کانپوءِ، هيٺ ڄاڻايل کي داخل کيو ويندو:-

"4_A يونيورسٽي جو دائرو اختيار-

(1) يونيورسٽي هن آرڊيننس جي ذريعي يا ان جي تحت ان کي عطا ڪيل اختيارن جو استعمال علاقائي حدن جي اندر ۽ ادارن جي حوالي سان ڪندي، جيئن گورنر بيان ڪيو آهي:

بشرطيڪ حڪومت، يونيورسٽي جي صلاح سان، عام يا خاص حڪم جي ذريعي، اهڙي علائقائي حدن يا ادارن جي حوالي سان يونيورسٽي جي ڄاڻايل مٿين اختيارن جي حد ۽ دائره ڪار ۾ ترميم ڪري سگهي ٿي

(2) يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ واقع هيلٿ سائنسز جو ڪو تعليمي ادارو يونيورسٽي جي رضامندي ۽ حڪومت جي منظوري کانسواءِ، ڪنهن به ٻي يونيورسٽي جي سهولتن سان گڏ ڪنهن به طرح لاڳاپيل نه هجي يا ان ۾ داخلا حاصل نه ڪندو.

(3) يونيورسٽي مقرر شرطن جي تحت پنهنجي مراعتن ۾ داخلا ونڊي سگهي ٿي، هڪ تعليمي ادارو جيڪو ڪنهن ٻي يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ اچي ٿو پوي اهو پاڪستان جي اندر هجي يا ٻاهر، بشرطيڪ اهڙي ٻي يونيورسٽي جي

رضامندي پهريان حاصل ڪئي ويجي."

2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of section 8 Sindh Ordinance No. VI of 2003

3. جاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 8 ۾، شق (XIX) ڪانپوءِ جاڻايل ڪي شامل ڪيو ويندو:-

"(XX) ڊائريڪٽر آف ريسرچ؛

(XXI) ريسرچ آفيسرز؛

(XXII) برسر، ٻيا

(XXIII) اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ريگيوليشنز جي ذريعي مقرر ڪيا ويا آهن آفيسر ٿيندا:-

2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 22 جي ترميم

Amendment of section 22 Sindh Ordinance No. VI of 2003

4. جاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 22 ۾، شق (IV) ڪانپوءِ، هيٺ جاڻايل ڪي داخل ڪيو ويندو:-

"(IV_A) سيڪريٽري حڪومت سنڌ، صحت ڪاتو"

2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 44 جي ترميم

Amendment of section 44 Sindh Ordinance No. VI of 2003

5. جاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 44 ۾ لفظن ڪانپوءِ "حلقہ ڪاليج ءِ" جا الفاظ شامل ڪيا ويندا.

2003 جي سنڌ آردينننس نمبر VI جي دفعہ 44_A جي داخلا

Insertion of section 44_A Sindh Ordinance No. VI of 2003

6. جاڻايل آردينننس ۾ دفعہ 44 کانپوءِ هيٺ جاڻايل کي داخل کيو ويندو:-

"44_A ان جي باوجود تہ هتي ڪجهہ بہ شامل آهي :-

(a) يونيورسٽي جو ڪو بہ آفيسر، استاد يا ٻيا ملازم بطور چانسلر عوامي مفاد ۾ سڏو سنئون، عوامي دلچسپي جي تحت ڪنهن بہ عهدي تي سڏي سنئين خدمتون انجام ڏئي سگهي ٿو، حڪومت يا ڪنهن ٻي يونيورسٽي يا ڪنهن تعليمي يا تحقيقي اداري جي تحت ڪنهن بہ عهدي تي خدمتون انجام ڏئي سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي معاملي ۾، هدايت جاري ڪرڻ کان پهريان سنڌيڪيٽ سان مشورو ڪيو وڃي؛

(b) چانسلر، عوامي دلچسپي، يونيورسٽي ۾ ڪنهن بہ عهدي کي گورنمينٽ يا ڪنهن ٻي يونيورسٽي يا ڪنهن تعليمي يا تحقيقي اداري جي ملازم جي مقرري جي ذريعي ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي معاملي ۾، هدايت جاري ڪرڻ کان پهريان سنڌيڪيٽ کان مشورو ڪيو وڃي؛

2003 جي سنڌ آردينننس نمبر VI جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Shedule to Sindh Ordinance No. VI of 2003

7. جاڻايل آردينننس ۾، شيڊول ۾، ذيلي شق (1) جي لاءِ شق- 1 ۾ داخل جاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو :-

(1) يونيورسٽي ۾ داخل جاڻايل فيڪلٽيز شامل هونديون:-

a. بنيادي طبي علوم جي فيڪلٽي؛

b. طب ۽ دندان سازي جي فيڪلٽي؛

c. نرسنگ ۽ پيرا ميڈيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛
d. حياتياتي علم جي فيڪلٽي؛
e. فارماسيوٽيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛
f. هيلٿ مينجمينٽ جي فيڪلٽي؛
g. سرجري جي فيڪلٽي؛
h. ڪميونٽي هيلٿ سائنسز جي فيڪلٽي؛
i. بائيوميڈيڪل انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛ ۽
j. الائيڊ سائنسز جي اهڙي ٻي فيڪلٽيز جيڪا قانون جي ذريعي تجويز ڪئي وئي آهي."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.